# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1997

# SINDH ACT NO.II OF 1997

# اولهه پاڪستان فيملي ڪورٽس (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1997

# THE WEST PAKISTAN FAMILY COURTS (SINDH AMEMDMENT) ACT, 1997

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. اولهه پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ، 1964 ۾ دفعه 25_A جو اضافو
Insertion of Section 25_A in the West Pakistan Family Courts Act, 1964

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريہ 1997

# SINDH ACT NO.II OF 1997

# اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1997

# THE WEST PAKISTAN FAMILY COURTS (SINDH AMEMDMENT) ACT, 1997

[15 سيپٽمبر 1997]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس (سنڌ ترميم) ايڪٽ، 1997 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ،

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس ايڪٽ، 1964 ۾، دفعہ 25 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ

شامل ڪئي ويندي:

**(25_A ڪيسن جي منتقلي)** (1) جيستائين ڪجهہ ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي، هاءِ ڪورٽ ڪنهن ڌر جي درخواست تي يا پاڻمرادي نوٽيس تي، لکت ۾ حڪم جاري ڪري سگهي ٿي.

(a) هن ايڪٽ تحت ساڳئي ضلعي ۾ هڪ فيملي ڪورٽ کان ٻي فيملي ڪورٽ ڏانهن ڪو مقدمو يا ڪارروائي منتقل ڪرڻ يا هڪ ضلعي جي هڪ فيملي ڪورٽ کان ٻئي ضلعي جي ٻي فيملي ڪورٽ ڏانهن ڪو مقدمو يا ڪارروائي منتقل ڪرڻ؛ ۽

(b) هن ايڪٽ تحت هڪ ضلعي جي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ کان ٻئي ضلعي جي ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ڏانهن ڪا اپيل يا ڪارروائي منتقل ڪرڻ؛

(2) ڪا بہ عدالت جنهن کي مٿي ڄاڻايل ذيلي دفعہ موجب مقدمو اپيل يا ڪارروائي منتقل ڪئي وئي آهي، جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، ان کي اڪلائڻ جو ايئن اختيار حاصل هوندو، ڄڻ اها ان وٽ داخل ڪئي وئي هئي؛

بشرطيڪ ڪنهن مقدمي جي منتقلي تي، اهو ضروري نہ هوندو تہ جنهن جج جي سامهون نئين سر ڪارروائي لاءِ اهو رکيو ويو هجي تہ جج لکت ۾ سبب ڄاڻائي، يا ٻي صورت ۾ هدايت ڪري.”.

3.اولهہ پاڪستان فيملي ڪورٽس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1997 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

1964 ۾ دفعہ 25_A جو اضافو

Insertion of Section 25_A in the West Pakistan Family Courts Act, 1964

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**